# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIX مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXXIX OF 2002
# سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act VII of 1975

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Act VII of 1975

4. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of Section 10 of Sindh Act VII of 1975

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXIX مجريہ 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXXIX OF 2002
## سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 2002
## THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[21 آڪٽوبر 2002]

آرڊيننس جنھن ذريعي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر

خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعه 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act VII of 1975

2. سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ٻه ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 5 ۾، لفظن "ويهه هزار ٻه سئو پنجاهه رپيا ۽ ارڙهن هزار" لاءِ لفظ "ٽيهه هزار ۽ پنج سئو ستاويهه هزار رپيا" ترتيبوار متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعه 6 جي ترميم
Amendment of Section 6 of Sindh Act VII of 1975

3.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 6 ۾، ذيلي دفعه (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(2) جتي اسپيڪر يا ڊپٽي اسپيڪر کي سرڪاري رهائش ناهي ڏني وئي يا اهو پنهنجي گهر يا نجي گهر ۾ رهڻ کي ترجيح ڏئي ٿو، ته ان کي ترتيبوار اوڻيتاليهه هزار ۽ پنج سئو رپيا ۽ پنجٽيهه هزار رپيا ماهوار، ۽ ان کانسواءِ اسيمبليءَ جي پهرين مدي دوران مختلف موقعن تي ڏهه مارچ 1985 کانپوءِ يا نئين اسيمبلي جي چونڊ کانپوءِ سٺ هزار رپيا فقط هڪ ڀيرو جڏهن اهو وزير مقرر ٿيو آهي يا اسپيڪر چونڊيو آهي يا ڊپٽي اسپيڪر چونڊيو آهي گهر ڏيڻ لاءِ ڏنا ويندا.".

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي

4.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 10 جي ذيلي دفعه (1) ۾، لفظن "چار سئو ۽ پنجاهه" لاءِ لفظ "پنجه سئو ۽ پنجاهه" رپيا

| | |
|---|---|
| متبادل ٿيندا. | **دفعه 10 جي ترميم**<br>Amendment of Section 10 of Sindh Act VII of 1975 |
| **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** | |